# وچولي ڪوهستان ۾ ٻن ننڍن ڊئمن ڳُرنڊ ۽ چام ڏاتار ضلعو بينظير آباد لاءِ (اي ايس آءِ اي) جو

# مُکيہ خلاصو

سنڌ حڪومت عالمي بئنڪ جي مالي مدد سان هڪ منصوبي سنڌ ريزيلئينس پروجيڪٽ (ايس آر پي ) تي عملدرآمد ڪري رهي آهي. هن منصوبي تي صوبي جي مختلف علائقن ۾ آبپاشي کاتي (ايس آءِ ڊي ) ۽ صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ ( پي ڊي ايم ) طرفان ڪم ڪيو پيو وڃي. ايس آر پي تحت جِن منصوبن تي عملي ڪم ڪيو ويو آهي، اُن ۾ سنڌو درياھ جي مٽي جي بندن جي بحالي، بهتري ۽ صوبي جي پاڻي جي ڪوٽ وارن علائقن ۾ برساتي پاڻي جي ذخيرن (ننڍن ڊئمن) جي اڏاوت شامل آهن. گذريل ٻن سالن دوران 14 ڊئمن تي ڪم شروع ڪيو ويو، جيڪي هاڻي مڪمل ٿيڻ جي مرحلي ۾ آهن. هاڻي عالمي بئنڪ جي اضافي مالي مدد سان ايس آر پي تحت برساتي پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ وڌيڪ 2 ننڍا ڊئم ناهڻ جو منصوبو جوڙيو ويو آهي، جن ۾ ڳُرنڊ ۽ چام ڏاتار ڊئم شامل آهن، جيڪي شهيد بينظير آباد ضلعي جي تعلقي دوڙ ۾ اچن ٿا.

تجويز ٿيل ڪرنڊ ۽ چام ڏاتار ڊئم ڪي جهنگلي جيوت لاءِ محفوظ پناهگاھ يا وائيلڊ لائيف سينڪچوئري قرار ڏنل ديهہ اڪرو 2 ۾ واقع آهن. عالمي بئنڪ جي حفاظتي پاليسين لاءِ تيار ڪيل دستاويز اي ايس ايم ايف ۾ ڏنل ماحولياتي ۽ سماجي چڪاس واري فهرست استعمال ڪري، ذيلي منصوبن جي ماحولياتي درجي بندي ڪئي وئي. جيئن تہ تجويز ٿيل ڊئمن ۾ پاڻي گڏ ڪرڻ جو مقدار 1.27 ڪيوبڪ ميٽرس ۽ زمين جي متاثري تي پاڻي ذخيرن جو حد 0.60 چورس ڪلوميٽر آهي، تنهن ڪري ضمني منصوبا انهن حدن جي اندر آهن، جيڪي آءِ اي اي (IEE) جي شيڊول-1 ۽ اي آءِ اي ضابطا 2014ع ۾ واضح ڪيون ويون آهن. اُهي ضمني منصوبا شيڊول هڪ ۾ اچن ٿا، تنهن ڪري فني لحاظ کان اُن کي هڪ آءِ اي اي جي ضرورت هوندي. جڏهن تہ ضمني منصوبا محفوظ علائقي ۾ اچن ٿا، تنهن ڪري عالمي بئنڪ جي لاڳاپيل گهرجن تي عمل ڪندي هڪ اي ايس آءِ اي (ESIA) دستاويز تيار ڪيو ويو آهي.

اي ايس آءِ اي دستاويز ضمني منصوبن جي علائقن بابت طبعي، حياتياتي، سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي پهلوئن جي جاچ مهيا ڪري ٿو. هي دستاويز منصوبي تي عملدرآمد دوران ننڍن اپائن جو مجموعو فراهم ڪري ٿو، ۽ ماحولياتي توڙي سماجي ناڪاري اثرن کي قبول جوڳي حد تائين ختم ڪرڻ لاءِ خاڪو مهيا ڪري ٿو.

تجويز ڪيل ٻئي جايون جهنگلي جيوت لاءِ محفوظ پناهگاھ يا (وائيلڊ لائيف سينڪچوئري) قرار ڏنل ديهہ اڪرو 2 ۾ واقع آهن. جيتوڻيڪ، تجويز ٿيل ڊئم اهڙي محفوظ علائقي ۾ اچن ٿا، جيڪو ڏڪار جي مُند ۾ زميني ۽ آبي جيوت لاءِ آماجگاھ آهن. اُهي علائقا پاڻي جي اٿهوند سبب داءُ تي لڳل هوندا آهن. ڊئمن جي اڏاوت سان پاڻي جي

فراهمي يقيني بڻائي ويندي. ننڍن ڊئمن جي تعمير سان علائقي ۾ ڊنڍن ڊورن کي فائدو ٿيندو، جنهن سان خصوصي طور جهنگلي ۽ آبي جيوت کي خوراڪ توڙي پناهگاهه مهيا ٿيندي. ڊئمن جي علائقن ۾ مقامي آباديون زمين ۽ جر جو پاڻي استعمال ڪنديون آهن. هن علائقي ۾ جر جي اونهائي 25 کان 40 فوٽن تائين آهي. ٻن سالن تائين برسات جو وسڪارو نہ ٿئي تہ زمين جي سطح تي موجود پاڻي سُڪي ويندو آهي ۽ ماڻهن وٽ پوکي توڙي پيئڻ جيترو بہ پاڻي نہ بچندو آهي.

ننڍن ڊئمن وارن منصوبن ۾ 15 فوٽ اونچا مٽيءَ جا بند ناهڻ ۽ اسپل ويز واريون سيمينٽ جون ديوارون شامل آهن. اڏاوت سان لاڳاپيل اثر، جهڙوڪ فضائي ۽ آواز جي گدلاڻ ۽ ماڻهن جي وسيلن تي پوندڙ اثرن کي لاڳاپيل اپائن تي بهتر عملدرآمد سان گهٽائي سگهجي ٿو. اُن سان گڏ، ڊئمن جي تعمير سان حيوانات ۽ نباتات جي ماحولياتي صورتحال ۾ ڪابہ منفي تبديلي نہ ايندي. اُن جي اُبتڙ، مذڪوره ننڍا ڊئم علائقي جي ماحولياتي حالتن کي ڊگهي عرصي تائين بهتر ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪندا. بهرحال، نيڪيدارن کي اڏاوتي ڪم دوران هن دستاويز ۾ تجويز ڪيل قدمن تي سختي سان عمل ڪرڻو پوندو.

تجويز ڪيل ننڍن ڊئمن جي اڏاوت سان مقامي آبادي لاءِ جر جو پاڻي ڊگهي عرصي تائين دستياب هوندو. تجويز ٿيل ڊئم ٻوڏ جي وهڪرن جي رفتار ۽ شدت کي گهٽائي ڇڏيندو، ۽ زرخيز زمين کي گهٽ نقصان ٿيندو. ان سان گڏ لنڪ روڊ، بجلي جا ٿنيا ۽ مقامي انساني آبادين کي ٿيندڙ نقصانن ۾ بہ گهٽتائي ايندي. اِن ڳالهہ جي تصديق ڪئي وئي آهي تہ ڊئمن جي هينانهين پاسي جيستائين پاڻي دلدلي علائقي تائين وڃي ٿو، اُتي ڪابہ آبادي ناهي.

مذڪوره ڊئمن جي مڪمل ٿيڻ سان ماحولياتي نظام جي مُکيہ جزن (وي اي سيز) خصوصي طور پناهگاهن جي بحالي ۽ ٻوٽن جي ايراضي ۾ واڌ ٿيندي، جنهن سان جانورن کي فائدو ٿيندو. جر جو پاڻي بهتر نموني موجود هجڻ سان مجموعي طور تي ماحولياتي نظام ۾ بهتري ايندي.

ٻئين درجي جي اثر واري زون ۾، پهرئين مرحلي ۾ 6 ڳوٺن جي نشاندهي ڪئي وئي، ۽ اُن لاءِ ڳوٺ جي چڱن مڙسن سان صلاح مشورو ڪيو ويو. ٻئين مرحلي ۾ 6 ڳوٺن سان تفصيلي مشاورت ڪئي وئي. مذڪوره ننڍا ڊئم ناهڻ لاءِ ڪابہ خانگي زمين گهربل نہ هوندي، ڇاڪاڻ جو نئيون ۽ نالا سرڪاري ملڪيت ۾ اچن ٿا، اُن سان گڏ نہ ڪنهن ڍانچي کي ڊاهيو ويندو ۽ نہ ئي وري ڪنهن کي ٻيهر آباد ڪرڻ جي ضرورت پوندي. ڇاڪاڻ تہ هي ڊئم اهڙن علائقن ۾ واقع آهن، جتي آبادي گهٽ ۽ ٽڙيل پکڙيل آهي. ڪيمپ جي تعمير لاءِ نجي يا سرڪاري ملڪيت ۾ آيل زمين جي عارضي استعمال، ڊئمن جي تعمير لاءِ گهربل مٽي جي کوٽائي، ٻاهرين مزدورن جي آمد، نباتات جي نقصان، گندڪچرو، ملازمت ڪندڙ ماڻهن جي صحت، مقامي آبادي ۽ مزدورن جي تحفظ سميت ڪجهہ اهڙا مامرا آهن، جن جي ڪري ڪجهہ سماجي ۽ ماحولياتي اثر پيدا ٿي سگهن ٿا، جنهن لاءِ هي دستاويز

تيار ڪيو ويو آهي. چاٽايل ننڍين ڊئمن جي اڏاوت سان 1015 آبادي تي ٻڌل 145 گهراڻن کي فائدو پهچندو.
ننڍين ڊئمن جي منصوبن وارن علائقن ۾ نشاندهي ڪيل ڪُل 63 مان 45 جاين جي چونڊ ڪرڻ لاءِ سروي ڪيو ويو. حتمي چونڊ ڪانپوءِ نتيجي طور انهن جاين جو تڪڙو سماجي معاشي ۽ ماحولياتي جائزو ورتو ويو. اڳوڻن اڀياسن جي ابتدائي جاچ پڙتال ۽ سفارشن جو جائزو وٺندي 45 مان موجوده 2 ڊئمن لاءِ جايون چونڊيون ويون. مذڪوره جايون باب چوٿين ۾ تفصيل سان بيان ٿيل معيارن تي پوريون لهنديون، اُن سان گڏ، تجويز ٿيل ڊئمن ذريعي پاڻي جي دستيابي سان جهنگلي جيوت ۽ مقامي آبادي کي فائدو ٿيندو.
فيلڊ سروي ۾ وسيع پئماني تي موجود سمورن جانورن ۽ ٻوٽن جي قسمن کي رڪارڊ ڪيو ويو. جڏهن تہ مذڪوره ڊئم ۽ ڪيمپ سائيٽس ننڍي علائقي تي پکڙيل هونديون، اُهي پهرين کان صاف ٿيل زمين تي ٺاهيون وينديون. ڇاڪاڻ جو اُهي ڇدن ٻوٽن سان ڍڪيل آهن، تنهنڪري ننڍين اپائن تي عملدرآمد سان اثرن تي ضابطو آڻي سگهبو. اُن ڪانسواءِ، پناهگاهہ جي حد کان 3 ڪلوميٽر فاصلي تي هڪڙي ڪئمپ تجويز ڪئي وئي آهي، تہ جيئن محفوظ علائقي ۾ امڪاني ناڪاري اثرن کان بچي سگهجي. گڏوگڏ نون رستن جو واڌارو نظرانداز ڪندي، اڳ ۾ موجود رستن کي ڪتب آندو ويندو. مزدورن لاءِ مقامي نباتات کي ٻارڻ طور استعمال ڪرڻ تي پابندي هوندي. عملو 4.5 ميٽر جي ايراضي اندر ڪم ڪندو. ماحولياتي ماهرن طرفان اڏاوتي سرگرمين جي سختي سان نگراني ڪئي ويندي، جيڪي حيوانات جي علم کان ڀلي ڀت واقف هوندا.
ڊئم ناهڻ واري جاءِ تي مشينري ۽ گاڏين جي مناسب جانچ توڙي سار سنڀال سان امڪاني ناڪاري اثرن کي گهٽائي سگهجي ٿو. اهڙن ٻين اپائن ۾ ڳري مشينري جو آواز دٻائڻ واري اوزار يا مفلر جو استعمال، ڪچن رستن تي ڇٽڪار، اڏاوتي ملبي /گند ڪچري کي فوري هٽائڻ سان خراب اثرن تي ضابطو، پاڻي کي گدلو ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ مناسب ذخيري جو انتظام ڪرڻ، استعمال ٿيل تيل کي نڪاٽي لڳائڻ ۽ گدلي پاڻي کي صاف ڪرڻ جو انتظام شامل آهن، جڏهن تہ اُنهن اپائن ۾ لڳاتار صفائي سترائي جو انتظام بہ شامل آهي.
ملازمت ڪندڙ ماڻهن جي صحت ۽ تحفظ کي جن اپائن ذريعي يقيني بڻايو ويندو، اُنهن ۾ حادثن يا بيمارين جي روڪٿام لاءِ لڳاتار معائنو، مزدورن ۽ آبادي ۾ جاڳرتا، صفائي جو بندوبست، ڪورونا کي منهن ڏيڻ لاءِ انتظام، نگراني ۽ بچاءَ جو طريقو، هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اپاءَ ۽ طريقيڪار، صفائي جي مناسب سهولتن جي فراهمي، پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ مزدورن کي گندڪچري جي دٻن جي فراهمي شامل آهن .ڊئمن ناهڻ جي دوران هن دستاويز ۾ ڏنل قدمن تي صحيح نموني عمل ڪرڻ سان علائقي جي طبعي، حياتياتي، سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي صورتحال تي ڪي بہ منفي اثر نہ پوندا . پر اِن سان انتهائي اهم مثبت اثر ضرور پوندا، جنهن سان علائقي ۾ پائيدار ترقي ٿيندي.

ان سان گڏ اهو هڪ ادارتي انتظامن جو خاڪو بيان ڪري ٿو، جنهن ۾ منفي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ گهربل قدم کڻڻ، اُنهن جي نگراني، فيلڊ واري عملي جون صلاحيتون وڌائڻ لاءِ تربيت جو بندوبست ڪرڻ، ڪم ۽ خرچ جو ڪاٿو، ۽ شڪايتن جي ازالي وارو طريقيڪار شامل آهي. مقامي ماڻهو ۽ سمورين لاڳاپيل ڌرين سان صلاح مشورا ڪري هي دستاويز اي ايس آءِ اي تيار ڪيو ويو آهي.

ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جي حوالي سان لڳاتار نگراني ڪئي ويندي، تہ جيئن منفي اثر گهٽائڻ جي اپائن تي لڳاتار ۽ اثرائتي نموني عملدرآمد يقيني بڻائي سگهجي، جِن متان ٿن سطحن تي عملدرآمد ڪيو ويندو. پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ٽيم (پي ايم ٽي) جي سطح تي ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جا ماهر نگراني ڪندا، تہ جيئن اِن ڳالھ جي خاطري ٿي سگهي تہ رٿا تي اثرائتي نموني عمل ٿي رهيو آهي ۽ اُن سلسلي ۾ هو تسلسل سان ڊئم جي اڏاوت وارين جاين جا دورا بہ ڪندا. جڏهن تہ فيلڊ جي سطح تي پروجيڪٽ امپليمينٽيشن ڪنسلٽنٽس (پي آءِ ايس ايس سي) طرفان وڌيڪ تسلسل سان نگراني ڪئي ويندي. ٽئين سطح تي پي آءِ ايس ايس سي ۽ پي ايم ٽي جَي اي ايس ايم يو طرفان اي ايس ايم پي تي عملدرآمد جي حوالي سان ماهوار، تہ ماهي ۽ ساليانيون رپورٽس ڪيون ويندي‌ون.

سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ (ايس آر پي ) تي عملدرآمد سان گڏ اِي ايس ايم پي تي عملدرآمد ڪرڻ جي مجموعي ذميواري، پروجيڪٽ مئنجمينٽ ٽيم( پي ايم ٽي )آبپاشي کاتي سنڌ حڪومت متان آهي، جنهن جو سربراھ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر آهي. پروجيڪٽ مئنجمينٽ ٽيم کي ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي يونٽ ( اي ايس ايم يو )جي مدد حاصل آهي، جيڪو پي ايم ٽي ۾ ئي قائم ٿيل آهي. پي ايم ٽي طرفان منصوبي تي عملدرآمد، مدد ۽ نگران ڪنسلٽنٽس ( پي آءِ ايس ايس سي )کي هن عمل ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جِن تي اڏاوتي ڪم جي نگراني جي ذميواري آهي.

پي آءِ ايس ايس سي وٽ اي ايس ايم پي تي ڪم ۽ اُن جي نگراني لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي ماهر پڻ موجود آهن. آخر ۾ تعميراتي ٺيڪيدار بہ صحت، ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جا انسپيڪٽر/آفيسر بہ مقرر ڪندو، اُهي منفي اثر گهٽائڻ وارن اپائن تي عمل ۽ ٻيون گهرجون پوريون ڪرائڻ جا ذميوار هوندا، جيڪي هن اي ايس ايم پي ۾ بيان ڪيل آهن. ان مقصد لاءِ اڏاوتي معاهدي يا ٺيڪي ۾ مناسب شقون شامل ڪيون ويون آهن. پي ايم ٽي طرفان ماحولياتي سماجي نگراني لاءِ صلاحڪارن جون خدمتون حاصل ڪيون ويون آهن، جيڪي پنهنجي طور ذيلي منصوبن جي سرگرمين جي نگراني ۽ تصديق ڪندا.

ڊئمن جي ٽٽڻ بابت ڊئم بريڪ اپياس مان اهو نتيجو ڪڍيو ويو آهي تہ 2 ڊئمن وارو علائقو ننڍو آهي ۽ 0.60 چورس ڪلوميٽرز کان وڌيڪ ناهي. تنهن ڪري بدترين صورتحال ۾ (گڏيل ڊئم کي گهارو 100 +سالا ٻوڏ)2.10 چورس ڪلوميٽر علائقو پاڻي هيٺ اچي سگهي ٿو، ۽ بدترين صورتحال ۾ 39 ماڻهو متاثر ٿي سگهن ٿا. جڏهن تہ سڄي علائقي ۾ سئو سالن ۾ ڊئم کي گهاري جي صورت ۾ جيڪو واڌو نقصان ٿيندو، اُهو ڪو

گهڻو نقصان نہ آهي. ٻئي ڊئم جر جي پاڻي جي سطح وڌائڻ لاءِ ناهيا ويا آهن. پاڻي جو مجموعي موڙ ڪُرنڊ ڊئم لاءِ 74 ۽ جام ڏاتار ڊئم تي 28 سيڪڙو آهي.
بُنيادي اثرن واري علائقي جو سرزمين تي ايچ اي سي آر اي ايس (HECRAS ) ۽ گوگل ميپ سافٽ ويئر ذريعي جائزو ورتو ويو، تہ جيئن تعمير دوران، ڊئم جي ٽٽڻ، 100 سالا ٻوڏ ۽ گڏيل ڊئم کي گهاري 100 +سالا ٻوڏ جي صورت ۾ متوقع نقصان جو ڪاٿو لڳائي سگهجي، جنهن ۾ وڻ پٽجي وڃڻ، رستن، زرعي زمين، آڳاٽن ماڳن ۽ پاڻي جي نلڪن جو متاثر ٿيڻ شامل آهي. جيئن تہ سيئي مجوزه ڊئم جر جي پاڻي جي سطح وڌائڻ لاءِ آهن، جِن ۾ متوقع نقصان عارضي ۽ ڪجھ ڏينهن (گهٽو ڪري 4-8 هفتا) لاءِ هوندو، ڇاڪاڻ تہ پاڻي جر ۾ هيٺ سيمو ڪري ويندو. اي ايس ايم پي بجيٽ ۾ مالي مدد خصوصي طور آبادي جي مالي سهائتا جي سفارش ڪئي وئي آهي، تہ جيئن ڄاڻايل امڪاني اثرن جو ازالو ڪري سگهجي.

ويندا، اُنهن وڍيا 9 وڻ لاءِ اڏاوت جي ڊئمن ڄاڻايل مٿي تہ آهي ويو لڳايو ڪاٿو جو ڳالھ اِن 5 تي جاءِ جي وڻن مان ڪوبہ آءِ يو سي اين جي فهرست پٽاندڙ خطري هيٺ نہ آهي. وڍيل 45,000 سان جي حساب وڻ في رپيا هزار هڪ ڪاٿو جو قيمت جي پوکڻ وڻ وڌيڪ پيرا وئي رُپيا ڏار بجيٽ رکي750 ,526 ,28 لاءِ عملدرآمد رُپيا لڳايو ويو آهي. اي ايس آءِ اَي تي ماڻهن مقامي تي ڊئم هر آهن. جڏهن تہ شامل بہ انتظام جا بچاءُ کان ڪورونا ۾ جنهن آهي، او بي ۽ پي ايم ايس اي ڊئم جي هر رقم رُپيا رکيا ويا آهن. هي7,000,000لاءِ پلائي جي آهي وئي ڪئي شامل طور عارضي ۾ ڪيو.